SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1985

# SINDH ACT NO.VII OF 1985

# اسٽيمپ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1985

# THE STAMP (SINDH AMENDMENT) ACT, 1985

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1899 ايڪٽ II جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 Act II of 1899

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1985
# SINDH ACT NO.VII OF 1985
# اسٽيمپ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1985
# THE STAMP (SINDH AMENDMENT) ACT, 1985

[16 ڊسمبر 1985]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ نافذ ڪرڻ لاءِ اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ نافذ ڪرڻ لاءِ اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت جوڙي نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي اسٽيمپ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1985 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1899 ايڪٽ II جي دفعه 2 جي ترميم Amendment of section 2 Act II of 1899

2. سنڌ صوبي ۾ اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 جي دفعه 2 ۾، شق (22) کانپوءِ هيٺيون نيون شقون شامل ڪيون وينديون:

"(22-A) 'پبلڪ آفيس' ۾ شامل آهي سرڪاري آفيس، لوڪل ڪائونسل جي آفيس، مقامي اختياري، اسٽيچوٽري ڪارپوريشن يا وفاقي يا صوبائي حڪومت طرفان جوڙيل ساڳئي قسم جي باڊي يا لاڳاپيل ڪاروباري يا صنعتي، پوءِ اها اڪيلي سر

مالڪي هيٺ هجي يا پائيواري هيٺ جيڪا ويهہ کان وڌيڪ ملازمن تي مشتمل هجي، باڊي جيڪا وقتي طور لاڳو ڪمپني لا يا ڪو آپريٽو سوسائٽي تحت رجسٽر ڪئي وئي هجي؛
(22_B) ’پبلڪ آفيسر‘ ۾ شامل آهي پبلڪ آفيس جو هڪ آفيسر انچارج.”.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**